Sindhi - Agape صحيفي - God's Love Letter Scriptures

يوحنا 15:9

جيئن پيءُ مون سان پيار ڪيو آهي، تيئن مون به اوهان سان پيار ڪيو آهي. هاڻي اوهين منهنجي پيار ۾ رهو

يسعياه - يس 43:1,2 - اِفسين 2:10

ڇالاءِجو اسين خدا جي ڪاريگري آهيون. هن اسان کي عيسيٰ مسيح سان گڏجي هڪ ٿيڻ جي ڪري انهن چڱن ڪمن لاءِ پيدا ڪيو جيڪي هن اڳي ئي اسان جي ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيا هئا

يرمياه - ير 1:5 - گلتين 1:15

پر خدا مون کي ماءُ جي پيٽان ئي مخصوص ڪري پنهنجي فضل سان سڏيو. سو جڏهن ان جي مرضي ٿي

يوحنا 15:16

اوهان مون کي ڪين چونڊيو آهي، بلڪ مون اوهان کي چونڊيو آهي ۽ انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو اٿم ته وڃي اهڙو ميوو جهليو جيڪو هميشه هلي. پوءِ اوهين پيءُ کان منهنجي نالي تي جيڪي به گهرندا سو هو اوهان کي ڏيندو

يوحنا 1:2 .3

.اي پيارا! منهنجي اها دعا آهي ته شل تون ائين خوشحال ۽ تندرست هجين، جيئن تنهنجو روح آهي

يسعياه - يس 43:4 - 1 پطرس 2:9,10

پر اوهين هڪڙو چونڊيل نسل، شاهي ڪاهنن جي جماعت، پاڪ قوم ۽ خدا جا اهڙا چونڊيل ماڻهو آهيو، جيڪي سندس خاص ملڪيت آهن. اوهين انهيءَ لاءِ چونڊيا ويا آهيو ته خدا جون خوبيون ظاهر ڪريو، جنهن اوهان کي اونداهيءَ مان ڪڍي پنهنجي عجيب روشنيءَ ڏانهن سڏيو آهي. اڳي اوهين چڙوچڙ هئا، پر هاڻي اوهين خدا جي قوم آهيو. اڳي اوهان تي رحمت ڪونه ٿي هئي، پر .هاڻي رحمت ٿي اٿو

يرمياه - ير 31:3 - اِفسين 1:4

ڇالاءِجو خدا جهان بنائڻ کان اڳ ئي مسيح سان گڏجي هڪ ٿيڻ ڪري اسان کي چونڊيو هو، ته جيئن اسين خدا جي آڏو پاڪ ۽ بيءعيب هجون

تيمٿيس 1:9 .2

انهيءَ خدا اسان کي چونڪارو ڏنو ۽ پاڪ زندگيءَ ڏانهن سڏيو، اسان جي عملن جي ڪري نه، بلڪ پنهنجي خاص ارادي ۽ فضل موجب. اهو فضل اسان تي عيسيٰ مسيح جي وسيلي ازل کان وٺي .ڪيو ويو هو

يوحنا 3:16

ڇالاءِجو خدا دنيا سان ايترو ته پيار ڪيو جو هن پنهنجو هڪڙو ئي فرزند ڏنو ته جيڪوبه مٿس ايمان آڻي سو برباد نه ٿئي پر ڪيس دائمي زندگي ملي

هوسيع - هوس 11:8; يسعياه - يس 49:15,16; & يسعياه - يس 41:13,14

لوقا 12:32
اي ننڍڙا ٽولا! متان ٻڄو، ڇاڪاڻ‌تہ اوهان جي پيءُ جي مرضي آهي تہ اوهان کي بادشاهت عطا ڪري

متي 28:20
۽ کين تعليم ڏيو تہ انهن سڀني ڳالهين تي عمل ڪن جن جو مون اوهان کي حڪم ڏنو آهي. يقين ڪريو تہ آءٌ دنيا جي پڇاڻيءَ تائين هميشہ اوهان سان هوندس

يوحنا 14:1
عيسيٰ انهن کي وڏيڪ چيو تہ ”پنهنجيءَ دل ۾ پريشان نہ ٿيو. خدا تي يقين رکو ۽ مون تي بہ يقين رکو

زبور - زب 23:1 - يوحنا 10:11
آءٌ چڱو ريڍار آهيان ۽ چڱو ريڍار رڍن لاءِ پنهنجي جان بہ ڏئي ٿو

زبور - زب 23:2 - مڪاشفو 7:17
ڇالاءِجو گهينٽو جيڪو تخت جي وچ ۾ آهي، سو هنن جو ڏنار ٿيندو ۽ کين آبِحيات جي چشمن وٽ وٺي ويندو ۽ خدا سندن اکين مان ڳوڙها اُگهي ڇڏيندو

زبور - زب 23:3,4 - لوقا 1:79
جيڪي موت جي اونداهيءَ ۾ رهن ٿا جيڪا انهن تي چمڪندي
۽ اسان لاءِ سلامتيءَ واري رستي جي رهنمائي ڪندي

زبور - زب 23:5,6 - 2 ڪرنٿين 1:10
سو هن اسان کي موت جي اهڙي پوائتي تباهيءَ کان بچايو ۽ بچائيندو. هن ۾ اميد آهي تہ اسان کي اڃا بہ بچائيندو رهندو

فلپين 4:7
تڏهن خدائي اطمينان، جيڪو سمجهہ کان بلڪل ٻاهر آهي، سو عيسيٰ مسيح سان گڏجي هڪ ٿيڻ جي حالت ۾ اوهان جي دلين ۽ دماغن جي نگهباني ڪندو

چوڻ 3:24 & زبور - زب 4:8 - يوحنا 14:27
ءٌ اوهان کي اطمينان ڏيئي ٿو وڃان، بلڪ اوهان کي پنهنجو اطمينان ڏيان ٿو. اهڙو نہ ٿو ڏيان جهڙو دنيا ڏئي ٿي. اوهين پنهنجي دل ۾ پريشان نہ ٿيو ۽ نڪي ٻڄو

زبور - زب 33:18 - 1 پطرس 3:12
ڇالاءِجو خداوند جون اکيون سچارن تي آهن۽ سندس ڪن انهن جي التجا تي
،خدا انهن کان منهن موڙي ٿو پر جيڪي بدي ڪن ٿا

رومين 5:2
مسيح اسان کي ايمان جي وسيلي خدا جي فضل تائين پهچايو آهي، جنهن تي اسين ثابت قدم آهيون. سو اچو تہ اسين انهيءَ اميد تي خوشي ڪريون تہ خدا جو جلوو ماڻينداسين

يسعياه - يس 55:12 - لوقا 19:40
عيسيٰ کين چيو تہ ”جيڪڏهن هنن ماڻ ڪئي تہ خود پٿر وني پڪاريندا

يوحنا 16:22
اوهان سان بہ ائين ئي ٿيندو. هاڻي اوهان جي سورن جو وقت آهي. پر آءٌ اوهان سان وري ضرور ملندس. تڏهن اوهين ڏاڍا خوش ٿيندا ۽ اوهان جي اها خوشي اوهان کان ڪوبہ کسي نہ سگهندو

لوقا 12:9

پر جيڪو ماڻهن جي اڳيان مون کي قبول نہ ڪندو، تنهن کي خدا جي ملائڪن جي اڳيان بہ قبول نہ ڪيو ويندو

متي 10:30

اوهان جي مٿي جا تہ وار بہ ڳڻيل آهن

يسعياه - يس 54:10 - متي 24:35

زمين ۽ آسمان ٽري ويندا پر منهنجو ڪلام هرگز نہ ٽرندو

متي 11:28-30

اوهين سڀ جيڪي ڳرا بار کڻي ٿڪجي پيا آهيو سي مون وٽ اچو، آءٌ اوهان کي آرام ڏيندس. منهنجي پاڇاري پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهو ۽ مون کان سکو، ڇالاءِجو آءٌ دل جو نرم ۽ نماڻو آهيان. اوهان جي روح کي آرام ملندو، ڇالاءِجو منهنجي پاڇاري سولي آهي ۽ منهنجو بار هلڪو آهي

سليمان 2:10 & هوسيع - هوس 2:14,19,20

ڪرنٿين 11:2 2

مون کي اوهان لاءِ خدا جهڙي غيرت آهي. انهيءَ ڪري ئي مون اوهان کي هڪڙي مڙس، يعني مسيح سان مڱايو، تہ جيئن اوهان کي پاڪدامن ڪنواريءَ وانگر هن وٽ حاضر ڪريان

خر 3:14 - عبرانين 13:8

عيسيٰ مسيح ڪالهہ توڙي اڄ، بلڪ هميشہ تائين ساڳيو ئي آهي.

هوسيع - هوس 13:4 - رسولن جا ڪم 4:12

ڪنهن بہ ٻئي جي هٿ ۾ چوٽڪارو نہ آهي، ڇالاءِجو آسمان جي هيٺان ماڻهن کي ٻيو ڪوبہ نالو ڏنل نہ آهي جنهن جي وسيلي اسان کي چوٽڪارو ملي.“

يوحنا 15:14

جن ڳالهين جو مون اوهان کي حڪم ڏنو آهي، تن تي جيڪڏهن عمل ڪريو تہ اوهين منهنجا دوست آهيو

يوحنا 14:6

عيسيٰ کيس وراڻيو تہ ”رستو، سچ ۽ زندگي آءٌ آهيان. منهنجي وسيلي کان سواءِ ڪوبہ پيءُ تائين پهچي نہ ٿو سگهي

مڪاشفو 3:20

ڏسو، آءٌ دروازي وٽ بيهي کڙڪايان ٿو، جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهنجو آواز ٻڌي دروازو کولينڌو تہ آءٌ اندر لنگهي ايندس ۽ انهيءَ سان گڏ ماني کائيندس ۽ اهو مون سان گڏ کائيندو.

Pastor T. John Franklin
Church of Salvation, Healing, and Deliverance
COS-HAD.org